اميرِ اهلسنت دامت برکاتہم العالیہ جي ڪتاب "نيڪي جي دعوت" جي هڪ قسط مع ترميم ۽ اضافو

# مسجد جو احترام

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحَمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: مسجد جو احترام

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

## مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

## ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب "نيڪي جي دعوت" مان ڪنيل مضمون

# مسجد جو احترام

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# مسجد جو احترام[1]

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمان خري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب ڪان جلد نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود پڙهيا هوندا.“

(فردوس الاخبار، جلد5ص277،حديث:8175)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسان دنيا ۾ ڇا جي ڪري آيا آهيون؟

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائن العرفان“ صفحي 647 تي 18 سيپاري سورة المؤمنون ۾ آيت نمبر 115 ۾ الله پاڪ جو ارشاد آهي:

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: پوءِ ڇا توهان اهو سمجهيو آهي تہ اسان توهان کي بيڪار پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي اسان جي طرف موٽڻو نہ آهي؟

[1] اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيل مضمون

حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الهادي هن آيت شريف جي حوالي سان فرمائن ٿا: ۽ (ڇا توهان کي) آخرت ۾ جزا جي لاءِ اٿٿو نہ آهي؟ بلڪ توهان کي عبادت جي لاءِ پيدا ڪيوسين تہ توهان تي عبادت لازم ڪريون ۽ آخرت ۾ توهان اسان جي طرف موٽي اچو تہ توهان کي پنهنجي عملن جي جزا ڏيون.

(خزائن العرفان)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان سيني کي پنهنجي حقيقي مقصد جي حصول جي لاءِ هر وقت ڪوشش ڪرڻ گهرجي، گناهن کان بچڻ ۽ ثواب جا ڪم ڪندو رهڻ گهرجي، مدني چينل ڏسندا ڏيکاريندا رهو، جو سنين سنين نيتن سان مدني چينل جا سلسلا ڏسڻ ۽ ٻين کي ڏيکارڻ جي دعوت ڏيڻ بہ رضاءِ ربّ الانام ۽ جنت ۾ وڃي وڃڻ وارو ڪم آهي، موت کي هر گهڙي ياد رکو! موت گهوٽ کي ڄڃ ۽ ڪنوار کي شادي جي گهر مان بستر راحت ۽ مسرت تان هڪدم ڪٽي وٺندو آهي.

بولی خَلوت میں اَجَل دولھا دولہن سے وقتِ عیش
ہے تمہیں بھی قبر کے گوشے میں سونا ایک دن

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جڏهن مسجد ۾ زور سان قدم رکي هلڻ منع آهي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه جي نيڪي جي دعوت جو جذبو مرحبا! پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه نيڪي جي دعوت جو ثواب ڪمائڻ جو موقعو

هٿ مان نہ وڃڻ ڏيندا هئا جيئن تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خليفي مَلِڪُ العُلماء حضرت علامہ مولانا مفتي ظفر الدين بِهاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هڪ شخص جنهن کي ”نواب صاحب“ چيو ويندو هو، مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ آيو ۽ بيني بيني بي پرواهي سان پنهنجي لٺ (يعني هٿ ۾ رکڻ واري لٺ (WALKING STICK) مسجد جي فرش تي ڪيرائي جنهن جو آواز حاضرين ٻڌو، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه (نيڪي جي دعوت ڏيندي) فرمايو: نواب صاحب! مسجد ۾ زور سان قدم رکي هلڻ بہ منع آهي تہ پوءِ لٺ کي ايتري زور سان اڇلائڻ! نواب صاحب منهنجي سامهون وعدو ڪيو تہ اِن شاءَ الله آينده ائين نہ ڪندس. الله پاڪ جي اعليٰ حضرت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي .

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب        صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد ۾ موبائل فون جي گهنٽي بند

پيارا اسلامي ڀائرو! هر مسلمان جي لاءِ ضروري آهي تہ اهو مسجد جو احترام ڪري، مسجد ۾ هلندي وقت پيرن مان آواز پيدا نہ ٿئي ان جو خيال رکڻ ضروري آهي ۽ لٺ (WALKINGSTICK) ڇَتي، هٿ جو پکو، چپل، ٿيلهو (BAG) برتن وغيره ڪا شيءِ ائين نہ رکي جو آواز پيدا ٿئي، جيڪڏهن موبائل فون آهي تہ مسجد ۾ گهنٽي بند رکي وڃي، افسوس! ان جو احتياط گهٽ ڪيو ويندو آهي ايستائين جو مسجد الحرام شريف ۾ ۽ اهو بہ عين خانہ ڪعبہ جي طواف ۾

ماڻھن جي موبائل جون گھنٽيون بلڪ مَعَاذَاللّٰه ميوزيڪل ٽونز وڄنديون رھن ٿيون، حالانڪ ميوزيڪل ٽون تہ مسجد کان علاوه بہ ناجائز آھي.

## ”بسم اللّٰه“ جي اڻويھ اکرن جينسبت سان مسجد جي باري ۾ 19 مدني گل

مسجد جي احترام جي ضمن ۾ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضان سنت“ 1120 کان 1125 تي بيان ڪيل مدني گل ڪٿي ڪٿي رد و بدل سان پيش ڪيا پيا وڃن انھن کي قبول فرمائي پنھنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائي وٺو:

﴿1﴾ مروي آھي تہ ھڪ مسجد پنھنجي ربّ جي بارگاھ ۾ شڪايت ڪئي تہ ماڻھو مون ۾ دنيا جون ڳالھيون ڪن ٿا. فرشتا ان کي ايندي مليا ۽ چوڻ لڳا اسين انھن (مسجد ۾ دنيا جون ڳالھيون ڪرڻ وارن) کي ھلاڪ ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا آھيون .

(فتاوی رضویہ ج16ص312)

﴿2﴾ روايت ڪئي وئي آھي تہ جيڪي ماڻھو غيبت ڪندا آھن ۽ جيڪي ماڻھو مسجد ۾ دنيا جون ڳالھيون ڪندا آھن انھن جي وات مان گندي بدبوءِ نڪرندي آھي جنھن سان فِرشتا اللّٰه پاڪ جي بارگاھ ۾ شڪايت ڪندا آھن. سبحٰن اللّٰه! جڏھن مباح ۽ جائز ڳالھ بغير شرعي ضرورت جي ڪرڻ لاءِ مسجد ۾ ويھڻ جي ڪري ھي آفتون آھن تہ (مسجد ۾) حرام ۽ ناجائز ڪم ڪرڻ جو ڇا حال ھوندو!

(ایضًا)

﴿3﴾ درزيءَ کي اجازت ناهي جو مسجد ۾ ويهي ڪپڙا سبي. ها جيڪڏهن ٻارن کي روڪڻ ۽ مسجد جي حفاظت جي لاءِ ويٺو ته حرج ناهي. اهڙيءَ طرح ڪاتب کي (مسجد ۾) اُجرت تي ڪتابت ڪرڻ جي اجازت ناهي.

(عالمگيري ج1 ص110)

﴿4﴾ مسجد جي اندر ڪنهن قسم جو گند ڪچرو هرگز نه اڇلايو، شيخ عبدالحق مُحَدّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ”جَذبُ القُلُوب“ ۾ نقل ڪن ٿا ته مسجد ۾ جيڪڏهن خَس (يعني معمولي ڪک يا ذرو) ٻه اڇليو وڃي ته ان سان مسجد کي ايتري قدر تڪليف پهچندي آهي جيتري قدر تڪليف انسان کي پنهنجي اک ۾ ڪک (يعني معمولي ذرو) پئجي وڃڻ سان ٿيندي آهي.

(جذب القلوب ص222)

﴿5﴾ مسجد جي ديوار، ان جي فرش، تڏي يا فراسيءَ جي مٿان ۽ ان جي هينان ٿڪڻ، نڪ صاف ڪرڻ، نڪ يا ڪن مان گند ڪڍي لڳائڻ، مسجد جي فراسيءَ يا تڏيءَ مان ڌاڳو يا تيلو وغيره ڪڍڻ سڀ ممنوع آهي.

﴿6﴾ ضرورت جي وقت (مسجد ۾) پنهنجي رومال وغيره سان نڪ صاف ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

﴿7﴾ مسجد ۾ ٻُهاري ڏيڻ ۾ جيڪا مٽي دز وغيره نڪري ان کي اهڙي جاءِ تي نه اڇلايو جتي بي ادبي ٿئي.

﴿8﴾ جُتيون لاهي مسجد ۾ ساڄي ڪٽي وڃڻ چاهيو ته مٽي وغيره ٻاهر ڇنڊي وٺو. جيڪڏهن پيرن جي تِرين ۾ مٽيءَ جا ذرا لڳل هجن ته

پنهنجي رومال وغيره سان اگهي پوءِ مسجد ۾ داخل ٿيو. مسجد ۾ ڪو گند وغيره جو ذرو نہ ڪري ان جو خيال رکي.

﴿9﴾ مسجد جي وضو خاني تي وضو ڪرڻ ڪان پوءِ پير وضو خاني تي ئي چڱيءَ طرح خشڪ ڪري ڇڏيو. آلا پير ڪٽي هلڻ سان مسجد جو فرش گندو ۽ فراسيون ميريون ۽ خراب ٿي وينديون آهن.

هاڻي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ملفوظات شريف مان ڪجھ مسجد جا آداب پيش ڪجن ٿا:

﴿10﴾ مسجد ۾ ڊوڙڻ يا زور سان قدم رکڻ، جنهن سان آواز پيدا ٿئي منع آهي.

﴿11﴾ وضو ڪرڻ ڪان پوءِ وضو واري عضون مان هڪ بہ قطرو پاڻيءَ جو مسجد جي فرش تي نہ ڪري. (ياد رکو! وضو جي عضون مان وضو جي پاڻي جا قطرا مسجد جي فرش تي ڪيرائڻ ناجائز ۽ گناھ آهي)

﴿12﴾ مسجد جي هڪ درجي ڪان ٻئي درجي ۾ داخل ٿيڻ وقت (مثال طور اڱڻ ۾ داخل ٿيو تڏهن بہ ۽ اڱڻ ڪان اندرئين حصي ۾ وڃو تڏهن بہ) ساڄو پير وڌايو وڃي ايستائين جو جيڪڏهن صف وڇايل هجي ان تي بہ ساڄو پير رکو ۽ جڏهن اتان ڪان هٽو تڏهن بہ ساڄو پير مسجد جي فرش تي رکو (يعني ايندي ويندي هر وڇايل صف تي پهريان ساڄو پير رکو) يا خطيب جڏهن منبر تي وڃڻ جو ارادو ڪري تہ پهريان ساڄو پير رکي ۽ لهي تہ (بہ) ساڄو پير هيٺ رکي.

﴿13﴾ مسجد ۾ جيڪڏهن ڇِڪ اچي تہ ڪوشش ڪريو آهستي آواز نڪري اهڙيءَ طرح ڪنگھ بہ، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾

زور سان نِچ ڏيڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا. اهڙي طرح اوڳرائيءَ کي به ضبط ڪرڻ گهرجي ۽ ائين نه ڪري سگهي ته وس آهر آواز کي دٻايو وڃي جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاهر ڇو نه هجو. خاص ڪري مجلس ۾ يا ڪنهن مُعَظّم (يعني بزرگ) جي سامهون بدتهذيبي آهي.

حديث ۾ آهي: هڪ شخص درٻار اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ اوڳرائي ڏني پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: ”اسان کان پنهنجي اوڳرائيءَ کي پري رکو جو دنيا ۾ جيڪي گهڻي عرصي تائين پيٽ ڀريندا آهن اهي قيامت جي ڏينهن وڏيڪ مدت تائين بُکايل رهندا.“ (شرح السنۃ ج7ص294حديث2944) ۽ اوٻاسيءَ ۾ آواز ڪتي به نه ڪڍڻ گهرجي. جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاهر اڪيلا هجو، ڇوته هي شيطان جو ٺهڪ آهي. جڏهن اوٻاسي اچي ته جيترو ٿي سگهي وات بند رکو. وات کولڻ سان شيطان وات ۾ ٿُڪ اڇلائيندو آهي. جيڪڏهن ائين نه رڪجي ته مٿين ڏندن سان هيٺين چپ کي دٻائي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح به نه رڪجي ته جيترو ٿي سگهي وات گهٽ کوليو ۽ کاٻي هٿ جو پٺيون پاسو وات تي رکي ڇڏيو، جيئن ته اوٻاسي شيطان جي طرف کان آهي ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ان کان محفوظ آهن. انهيءَ ڪري اوٻاسي اچي ته هي تصوُّر ڪريو ته انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کي اوٻاسي نه ايندي هئي. اِنْ شَآءَ اللّٰه جلدي رڪجي ويندي.

(ردالمحتار ج2ص498،499)

﴿14﴾ مذاق مسخري ڪرڻ ممنوع آهي ۽ مسجد ۾ سخت ناجائز .

﴿15﴾ مسجد ۾ کِلڻ منع آهي جو ”قبر ۾ اونداهي جو سبب آهي“. موقعي مناسبت جي مطابق تَبَسُّم (يعني مُرڪڻ) ۾ حرج ناهي.

﴾16﴿ مسجد جي فرش تي ڪا شيءِ اڇلائي نہ وجي، بلڪ آهستي رکي ڇڏجي. گرميءَ جي موسم ۾ ماڻهو هٿ جو وِجڻو هڻندي هڻندي اڇلائي ڇڏيندا آهن(مسجد ۾ ٽوپي ، چادر وغيره بہ نہ اڇلايو ۽ چادر يا رومال سان فرش اهڙيءَ طرح نہ ڇنڊيو جو آواز پيدا ٿئي) يا ڪاني، ڇَٽي وغيره رکڻ وقت پري کان اڇلائيندا آهن، ان جي ممانعت آهي. مطلب تہ مسجد جو احترام هر مسلمان تي فرض آهي.

﴾17﴿ مسجد ۾ حَدَث (يعني ريح خارج ڪرڻ) منع آهي ضرورت هجي تہ (جيڪي اعتڪاف ۾ ناهن اهي) ٻاهر هليا وڃن، ۽ تنهنڪري مُعتَڪِف کي گهرجي تہ اعتڪاف جي ڏينهن ۾ گهٽ کائي. پيٽ هلڪو رکي جو قضاءِ حاجت جي وقت ڪانسواءِ ڪنهن وقت ريح خارج ڪرڻ جي حاجت نہ ٿئي، چوتہ هو ان جي لاءِ ٻاهر نہ ٿو وڃي سگهي. (باقي مسجد جي احاطي ۾ موجود بيت الخلا ۾ ريح خارج ڪرڻ جي لاءِ وڃي سگهي ٿو)

﴾18﴿ قبلي جي طرف پير ڦهلائڻ تہ هر جڳهہ تي منع آهي . مسجد ۾ ڪنهن طرف نہ ڦهلايو جو هي دربار جي آداب جي خلاف آهي. حضرت سَرِي سَقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجد ۾ اڪيلا وينا هئا. پير ڦهلائي ڇڏيائون. مسجد جي ڪنڊ مان هاتف آواز ڏنو. "سَري! بادشاهن جي حضور ۾ ائين ويهبو آهي؟" جلدي پير سوڙها ڪري ڇڏيائون ۽ اهڙا سوڙها ڪري ڇڏيائون جو انتقال جي وقت ئي ڦهليا. (سبع سنابل ص 131) (ننڍن ٻارن کي بہ پيار ڪرڻ، کڻڻ، سمهارڻ وقت احتياط ڪريو جو انهن جا پير قبلي جي طرف نہ ٿين. پيشاب پائخانو ڪرائڻ مهل بہ ضروري آهي تہ ان جو رخ قبلي جي طرف نہ ٿئي)

﴿19﴾ استعمال ٿيل جُتيون مسجد ۾ پائي وڃڻ گستاخي ۽ بي ادبي آهي.

(ملخص از ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت ص317 تا 323)

الٰہی کرم بہرِ شاہِ عَرَب ہو | ہمیں مسجِدوں کا مُیَسَّر ادب ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪينسر جو مريض ٺيڪ ٿي

اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوت اسلامي تي الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بيحد ڪرم آهي ڪيئي پيرا ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ جن مريضن کي لاعلاج قرار ڏنو ويو آهي ان جو مدني قافلن ۾ سفر ڪري دعائون گهرڻ سبب خير سان علاج ٿي ويو جيئن ماڙي پور (ڪراچي سنڌ) جي ڪنهن اسلامي ڀاءُ هڪ ايمان افروز واقعو لکي ڪري ڏنو جنهن جو مضمون ڪجهہ ائين هو: هاڪس بي (ڪراچي) جو مقيم اسلامي ڀاءُ جيڪو”ڪينسر“ جو مريض هو، انهن عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، سفر جي دوران ويچارو ڪافي ڊنل ۽ مايوس هو، عاشقان رسول حوصلو ڏيندا ۽ انهن جي لاءِ دعائون بہ ڪندا رهيا، هڪ ڏينهن صبح جي وقت ويني ويني اوچتو انهن کي اُلٽي آئي ۽ هڪ گوشت جي ٻوٽي ان جي ٻِڙي مان نڪتي! الٽي ڪان پوءِ انهن کي ڪافي سڪون مليو، مدني قافلي کان واپسي تي جڏهن ڊاڪٽر کان رجوع ڪيائين،

۾ ٻيهر ٽيسٽ ڪرايا تہ تمام گھڻي حيرت ٿي جو انهن جو سَرطان يعني ڪينسر جو مرض ختم ٿي چڪو هو. اَلحَمدُلِلّٰہ عَلٰی اِحسَانِہٖ

مَرَضِ نِسیان ہو چاہے سَرطان ہو،
کوئی سی ہو بَلا، قافِلے میں چلو
دُور بیماریاں اور پریشانیاں
ہوں بَفَضلِ خُدا، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قافلي جي مريض مسافرن جي باري ۾ 5 مدني گل

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اللہ پاڪ مدني قافلي جي برڪت سان ڪينسر جي مريض کي صحت عنايت فرمائي، مدني قافلي جي مسافرن جي باري ۾ 5 مدني گل قبول فرمايو: ﴿1﴾ اللہ تبارڪ و تعالٰي ئي حقيقت ۾ شافِيُّ الأمراض يعني بيمارين کان شفا ڏيڻ وارو آهي سيئي ڄاڻن ٿا تہ ڪڏهن ڪڏهن وڏا وڏا ماهر طبيب بهتر کان بهتر دوائون ڏيندا آهن پر اُردو چوڻي مطابق ”مرض بڑھتا گیا جُوں جُوں دوا کی“ مرض ۾ مسلسل اضافو ٿيندو آهي ۽ آخرڪار مريض ساهہ ڏيندو آهي، تنهنڪري مدني قافلي ۾ ڪنهن مريض کي شِفا نہ ملي تہ شيطان جي وسوسن ۾ نہ اچو ﴿2﴾ اهڙن مريضن کي مدني قافلن ۾ سفر نہ ڪرايو ۽ اعتڪاف ۾ بہ نہ ويهاريو جنهن سان ٻين کي ڪراهت اچي يا ايذاء پهچي، هڪ ڀيري دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ڪراچي ۾ هڪ ڪينسر جو مريض مُعْتَڪِف ٿيو، هتي هزارين مُعتَڪِفِين هوندا آهن، حلقہ ٺاهيا ويندا آهن هڪ حلقي ۾ اهو بہ شامل ڪيو ويو، اسلامي ڀائر جڏهن

سحري ۾ افطاري ڪندا هئا ته هو انهن سان گڏ ويهي رهندو هو
وات يا ڳلي جي ڪينسر هجڻ سبب ويچارو ڪائي نه سگهندو هو،
بيشڪ اهو غريب رحم جي قابل هو پر هر شخص هي سمجهي
سگهي ٿو ته ان جي حلقي وارن مُعۡتَڪِفِين کي ان مريض سان
ڪيڏي نه ڪوفت (يعني تڪليف) ٿيندي هوندي! واقعي جيڪڏهن ڪو
ڪائڻ کان معذور مريض جڏهن ويني ويني ڪنهن گرهه کي تاڙي ته
ان ڪائڻ واري سان جيڪو ڪجهه گذرندو اهو هر باشعور سمجهي
سگهي ٿو ﴿3﴾ ڪجهه مريضن جا زخم خراب ٿي چڪا هوندا آهن ان
مان پونءِ وهندي ۽ بدبو ايندي آهي جيتوڻيڪ اهو هر طرح جي
همدردي جي لائق ۽ قابل رحم آهي پر ان جو مرض ٻين جي لاءِ
تڪليف وارو هوندو آهي انهي ڪري انهن کي اعتڪاف ۽ مدني
قافلي ۾ سفر نه ڪرڻ گهرجي، ان حالت ۾ مسجد ۾ داخل ٿيڻ به
شرعاً حرام آهي جو بدبوءِ سان عام مسلمان ۽ فرشتن کي به ايذاء
ٿيندو آهي ﴿4﴾ اهڙو ماڻهو جنهن جي وات مان ڳِگَ وهندي هجي،
جنهن URINE BAG يا STOOL BAG لڳائي هجي ۽ جُذامي (يعني
ڪوڙهه وارو) وغيره به مدني قافلي ۾ سفر ۽ اعتڪاف نه ڪري،
منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا
شاهه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فتاويٰ رضويه (جلد 24) صفحي 220
تي نقل ڪن ٿا: هڪ ڪوڙهه واري عورت ڪعبي شريف جو طواف
ڪري رهي هئي اميرالمُومِنِين حضرت فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ان کي
فرمايو: اي الله پاڪ جي ٻانهي! ماڻهن کي ايذا نه ڏي، سٺو آهي ته
تون پنهنجي گهر ۾ ويني رهين، پوءِ اها گهران نه نڪتي. (موطا امام مالک
ج1 ص388 رقم 988) ﴿5﴾ اهڙا نفسياتي مريض يا آسيب زده به مدني قافلي

۾ مسجد کان پري رکيا وڃن جيڪي دورو پوڻ جي صورت ۾ بيهوش ٿي ويندا آهن، يا رڙيون ڪندا يا وڏيڪ هٿ پير هلائي مسجد جي بي ادبي ۽ ٻين جي لاءِ پريشاني جو سبب بڻجن، ائين انهن مريض کي اعتڪاف ۾ ويهارڻ يا مدني قافلن ۾ سفر ڪرائڻ بدران انهن جا نمائندا سفر ڪن يا اعتڪاف ڪري انهن جي لاءِ دعا ڪن، هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهڙو مريض يا ان جا گهر وارا هڪ اسلامي ڀاءُ يا توفيق آهر جيترن اسلامي ڀائرن جو ڏئي سگهن ايترن جو خرچ ڏئي ٿي ڏينهن، 30 ڏينهن، 12 مهينن يا 25 مهينن جي مدني قافلي ۾ ثواب جي نيت سان سفر ڪرايو، مريض جو نمائندو دعائون گهرندو رهي الله **غفور و رحيم** پنهنجي رحمت سان شفا ڏيندو، پر ياد رهي! رقم صرف دعوت اسلامي جي طرفان مقرر ڪيل قافلي ذميدار کي جمع ڪرائي وڃي جو اهي پنهنجي ترڪيب سان سفر ڪرائيندا، اوهان ڪنهن کي رقم ڏني ضروري ناهي تہ اهو سفر ڪري، يا ممڪن آهي اڏ مان سفر تان موٽي اچي، ياد رهي! مريض جي اجائي دل آزاري نہ ٿيڻ گهرجي، ان جي عيادت ڪئي وڃي، ان سان ميل ميلاپ رکيو وڃي بلڪ جتي مدني قافلو مسجد بدران مسجد جي ڪنهن گهر وغيره رکي ٿو ۽ مدني قافلي وارا متفق طور ڪنهن ڪراهت واري مريض کي پاڻ سان رکڻ چاهن تہ حرج ناهي، پر ان ۾ اهو ڏٺو وڃي تہ ٻاهر کان ايندڙ عام اسلامي ڀائرن جي اچڻ سان ڪيٻائڻ يا ايذاء پهچڻ جو انديشو نہ هجي.

صَدقہ نبی دی آل دا بخشے خدا شِفا | منگو دعاواں میرے بے بیمار واسطے

# هر بيماري جي دوا آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪينسر هڪ مهلڪ (يعني موتمار) بيماري آهي، هي بيماري ڊاڪٽرن وٽ ”لاعلاج“ سمجهي وڃي ٿي پر حقيقت ۾ ائين ناهي جيئن مسلم شريف جي حديث ۾ آهي: الله پاڪ جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان صحت نشان آهي: ”هر بيماري جي دوا آهي جڏهن دوا بيماري تائين پهچائي ويندي آهي ته الله پاڪ جي حڪم سان مريض سنو ٿي ويندو آهي.“ (مسلم ص 1210 حديث 2204) يقيناً پوڙهائپ ۽ موت کان سواءِ هر بيماري جو علاج آهي، ها هي الڳ ڳالهه آهي ته ڪيئي بيمارين جو علاج اَطِبَّاء (يعني ڊاڪٽر) اڃا تائين ڳولي ناهين سگهيا، تنهنڪري اهو چوڻ بدران ته ”فلان مرض جو علاج ناهي“ مناسب هي آهي ته هيئن چيو وڃي ته اسان وٽ ان بيماري جو علاج ناهي يا ڊاڪٽرز اڃا تائين ان مرض جو علاج نه ڳولي سگهيا آهن، بهرحال رب ذوالجلال چاهي ته دوا شفا جو ذريعو بڻجي نه ته ممڪن آهي ته اها ئي دوا موت جو پيغام ثابت ٿئي! ۽ اهو به ڏٺو ويو آهي ته ماهر ڊاڪٽر جي طرفان ملڻ واري صحيح دوا جي باوجود ڪنهن مريض کي مَنفِي اثر (REACTION) ٿي ويندو آهي ۽ وڌيڪ بيمار يا معذور ٿي ويندو يا دم ٽوڙي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ ڪجهه ماڻهن جي جهالت جي ڪري ويچاري ڊاڪٽر جي شامت اچي ويندي آهي حالانڪ هي ڳالهه عقل کان بعيد (يعني ڪافي پري) آهي ته ڪو ڊاڪٽر ڪنهن مريض کي ظاهري نقصان پهچائي يا ماري ڇڏي! ظاهر آهي اهو ائين ڪندو ته ان جي پنهنجي بدنامي ٿيندي ۽ ماڻهو ان وٽ علاج ڪرائڻ کان پاسو ڪندا، ها ديني تَعَصُّب ۽ اسلام دشمني ٻي شيءِ آهي، انهي انديشي جي ڪري مشهور عالمن ۽

ديني پيشوائن کي غير مسلمن کان علاج نہ ڪرائڻ ۾ عافيت آهي تہ متان (يعني ائين نہ ٿئي) کو شديد جاني نقصان پهچي وڃي، عام مسلمانن کي غير مسلم ڊاڪٽر کان اهڙي طرح جي بيماري ۾ علاج ڪرائڻ جي اجازت آهي جنهن ۾ غير مسلم طبيب جي بدخواهي (يعني برو چاهڻ) هلي نہ سگهي.

## غير مسلم کان علاج جي عبرت انگيز حڪايت

منهنجا آقا اعليٰ حضرت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فتاويٰ رضويہ جلد 21 صفحي 243 تي لکن ٿا: امام مارزي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيمار ٿيا (تہ) هڪ يهودي معالج (يعني طبيب سندن جو علاج ڪري رهيو هو، چڱا ڀلا ٿي ويندا هيا پر وري مرض موٽي ايندو هو، ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو، آخر ان کي اڪيلائي ۾ سڏ ڪري پڇا ڪئي، ان چيو: جيڪڏهن اوهان سچ پڇو ٿا تہ اسان جي ويجهو ان کان وڌو کو ثواب جو ڪم ناهي جو اوهان جهڙي امام کي مسلمانن کان ضايع ڪيان، امام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان کي دفع (يعني پري) ڪيو، الله پاڪ کين شفا بخشي، پوءِ امام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه طِب ڏانهن توجه فرمائي ۽ ان بابت ڪتاب لکيا، ۽ شاگردن کي حاذق اَطِبّاء (يعني ماهر طبيب) ڪري ڇڏيو ۽ مسلمانن کي منع فرمائي تہ ڪافر طبيب سان ڪڏهن علاج نہ ڪرائين. (فتاوي رضويہ ج21 ص243) (غير مسلمان کان علاج ڪرائڻ جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل فتاويٰ رضويہ جلد 21 صفحي 238 کان 243 تي ملاحظ ڪيو)

## شفا ملڻ نہ ملڻ جو راز

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مذڪوره حديث شريف جي حوالي سان مِرأة شرح مِشڪواة (جلد 6) صفحي 214 تي صاحبِ مِرقاة رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا: جڏهن الله پاڪ ڪنهن بيمار جي شفا ناهي چاهيندو تہ دوا ۽ مرض جي وچ ۾ هڪ فرشتي جي ذريعي اوٽ ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن جي ڪري دوا مرض تي واقع (يعني لاڳو) ناهي ٿيندي، جڏهن شِفا جو ارادو هوندو آهي تہ اهو پردو هٽايو ويندو آهي جنهن سان دوا مرض تي واقع (يعني لاڳو) ٿيندي آهي ۽ شفا ملي ويندي آهي.

(مرقاۃُ المفاتیح ج8 ص289 تحت الحدیث 4515)

## ڪينسر جو روحاني علاج

هڪ اسلامي ڀاءُ سگ مدينہ عُفِيَ عنه کي ٻڌايو تہ منهنجي مامي کي پيٽ جو ڪينسر ٿي ويو، علاج جاري هو هڪ ڀيري اسپتال ۾ انهن کي ڪنهن هڪ پرچو ڏنو جنهن ۾ ڪجهہ اهڙو مضمون هو جو هڪ ڪينسر جي مريض کي ڊاڪٽرن لاعلاج قرار ڏئي ڇڏيو، ويچارو سخت اذيت ۾ هو ۽ زندگي کان مايوس هو، اهڙي حالت ۾ ڪنهن ان کي قرآن شريف جون مختلف سورتن مان ڪجهہ منتخب آيتون پڙهڻ جي لاءِ ڏنيون (جيڪي اڳيان اچي رهيون آهن) انهن خلوص دل سان ان جي روزانو تلاوت شروع ڪري ڇڏي، الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان ان جي صحت بحال ٿيڻ لڳي ۽ ڪجهہ سال روزانو پڙهڻ جي برڪت سان ڪينسر جي بيماري ختم ٿي وئي ۽ هو بلڪل صحت مند ٿي ويا، مامي بہ پرچي ۾ ڏنل هدايت جي

مطابق تلاوت شروع ڪري ڇڏي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه (بيان ڏيڻ وقت) حيرت انگيز طور تي مامي جي صحت بحال ٿيڻ لڳي آهي، انهن الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ مسلمانن ڪي نفعو پهچائڻ جي نيت سان مفت ورهائڻ جي نيت سان خوبصورت ڪارڊ جي صورت ۾ ان پرچي جون 2000 ڪاپيون ڇپرائيون، جيڪڏهن ڪو مريض عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت سان پڪي عقيدت سان انهن آيتن جي تلاوت ڪندو اِنْ شَآءَ اللّٰه مايوس نہ ٿيندو (مدت تا شفا حاصل ٿيڻ تائين)

(اول ۽ اخر تي ٽيرا درود شريف سان گڏ روزانو هڪ ڀيرو هي آيتون پڙهي)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

(وَ نُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ)[1] (وَ اِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ ﴿۸۰﴾)[2] (وَ قُلْ رَّبِّ اغْفِرْ وَ ارْحَمْ وَ اَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۱۱۸﴾)[3] (اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَ يَكْشِفُ السُّوْٓءَ)[4] (قُلْنَا يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ ﴿۶۹﴾)[5] (اَنِّيْ مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَ اَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۸۳﴾)[6] (اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ ﴿۱۰﴾)[7]

---

[1] پ15، بنی اسرآئیل:82
[2] پ19، شعراء:80
[3] پ18، المؤمنون:118
[4] پ20، النمل:62
[5] پ17، الانبیاء:69
[6] پ17، الانبیاء:83
[7] پ27، القمر:10

(لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ ۖ اِنِّیْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۸۷﴾ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ وَ نَجَّیْنٰهُ مِنَ الْغَمِّ ؕ وَ كَذٰلِكَ نُـْۨجِی الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۸۸﴾)[1] (اِنَّ رَبِّیْ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ حَفِیْظٌ ﴿۵۷﴾)[2]
(حَسْبُنَا اللّٰهُ وَ نِعْمَ الْوَكِیْلُ ﴿۱۷۳﴾)[3] (وَ تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِیْلًا ﴿۸۱﴾)[4]
(اَلَیْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ ؕ)[5] (هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَ نِعْمَ النَّصِیْرُ ﴿۷۸﴾)[6]
(اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱﴾)[7] (نِعْمَ الْمَوْلٰى وَ نِعْمَ النَّصِیْرُ ﴿۴۰﴾)[8] (فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِیْنَ ﴿۱۴﴾)[9] لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِیِّ الْعَظِیْم

## ساڄي هٿ سان پيئڻ سنت آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيشڪ عالم جي صحبت ۾ آخرت جي نفعي جي باري ۾ مدني گل ملندا رهن ٿا، حضور مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ عالم باعمل هئا، سندن عادت ڪريمہ هئي تہ جڏهن ڪنهن کي سنت ترڪ ڪندي ڏسندا هئا تہ ان جي اصلاح فرمائيندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ شاگرد رشيد بيان ڪري ٿو: 1373ھ جو واقعو آهي

---

1 پ17، الانبياء:87-88
2 پ12، ھود:57
3 پ4، اٰل عمران:173
4 پ5، النساء:81
5 پ24، الزمر:36
6 پ17، الحج:78
7 الفاتحہ:1
8 پ9، الانفال:40
9 پ14، المؤمنون:14

تہ هڪ ڏينهن درس حديث جي دوران جڏهن مسلم شريف جو درس شروع ٿيو، هڪ شخص ”دارُالحديث“ ۾ شاگردن جي لاءِ چانهه کڻي آيو، درس ختم ٿيڻ تي شيخ الحديث مولانا سردار احمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اشاري تي چانهه تقسيم ٿيڻ لڳي، جڏهن مون ناچيز جو وارو آيو تہ مون ساڄي هٿ ۾ ڪپ پڪڙيو، ساسر (يعني پليٽ) ۾ چانهه وجهي ۽ کاٻي هٿ سان ساسر وات جي ويجهو ڪئي، حضرت مُحَدِّثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو آواز دارُالحديث ۾ گونجيو: مولانا! اوهان کاٻي هٿ سان پيءُ رهيا آهيو! مون ڪپ هيٺ رکي ساڄي هٿ سان پليٽ پڪڙي پيئڻ لڳس، جڏهن ٻيهر ڪپ مان پليٽ ۾ وجهڻ لڳس تہ وري آواز آيو مولانا! اوهان کاٻي هٿ سان وجهي رهيا آهيو، تہ مون پليٽ رکي ڇڏي، ساڄي هٿ ۾ ڪپ وٺي پيئڻ لڳس تہ حضرت مُحَدِّثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تَبَسُّم فرمايو ۽ زبان مبارڪ مان اهي لفظ فرمايا: طَيِّب طَيِّب يعني هاڻي نيڪ آهي، هاڻي اڪيلائي ۾ ويٺي جڏهن اهو واقعو ياد ايندو آهي ۽ طَيِّب طَيِّب جي لفظن جي گونج ڪنن ۾ ايندي آهي ۽ اکين مان ڳوڙها وهي پوندا آهن.

(حيات محدث اعظم ص157)

## کاٻي هٿ سان کائڻ پيئڻ، ڏيڻ وٺڻ شيطان جو طريقو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان حضرت مُحَدِّثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سنت سان محبت جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، ڪاش! اسان سڀ بہ نيڪي جي دعوت جو اهو ئي انداز اختيار ڪندي خوب خوب سنتن جي ڌوم مچائيندا رهون، بيان ڪيل

حڪايت ۾ کابي هٿ سان چانهه پيئڻ جي منع جو تذڪرو آهي ۽ حديث شريف ۾ کابي هٿ سان کائڻ پيئڻ جي منع آهي جيئن دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڇاپيل ٽيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فيضانِ سنت" (جلد اول) صفحي 227 تي آهي:

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "توهان مان هر هڪ ساڄي هٿ سان کائي ۽ ساڄي هٿ سان پيئي ۽ ساڄي هٿ سان وٺي ۽ ساڄي هٿ سان ڏئي، ڇو تہ شيطان کابي هٿ سان کائيندو، کابي هٿ سان پيئندو، کابي هٿ سان ڏيندو، ۽ کابي هٿ سان وٺندو آهي."

(سنن ابن ماجہ شريف ج 4 ص 12 حديث 3266)

## هر ڪم ۾ کابو هٿ ڇو........؟

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! اڄڪلھ اسان دنيا جي چڪرن ۾ ايتري قدر ڦِهري چُڪا آهيون جو محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارين پيارين سنّتن ڏانهن اسان جو ڌيان ئي نہ ٿو رهي، ياد رکو! حديثِ مبارڪ ۾ آهي تہ شيطان انسان جي بدن ۾ رت جيان گردش ڪندو آهي. (بخاري ج 1 ص 669 حديث 2038) ظاهر آهي تہ هو اسان کي سنّتن ڏانهن ڪٿي وڃڻ ڏيندو؟ شيطان پويان لڳل رهندو آهي جيتوڻيڪ اسان ساڄي هٿ سان ئي کاڌو کائيندا آهيون پر پوءِ بہ کابي هٿ سان ڪجهھ داڻا کائي ئي وٺندا آهيون، کائڻ وقت جيئن تہ ساڄو هٿ ڀريل هوندو آهي تنهنڪري گهڻا ماڻهو پاڻي کابي هٿ سان ئي پي وٺندا آهيون چانهه پيئڻ وقت ڪوپ ساڄي هٿ ۾ ۽ ساسر کابي هٿ

۾ ڪٽي چانهه پي وٺندا آهن، ڪنهن کي پاٽي پيئارڻ وقت جڳ ساڄي هٿ ۾ هوندو آهي جڏهن ته گلاس کابي هٿ ۾ ۽ کابي هٿ سان گلاس پين کي ڏيندا آهيون. ”حياتِ مُحَدّثِ اعظم“ ص 374 تي آهي، مُحَدّثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمّد سردار احمد قادري چشتي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا ته ”وٺڻ ۽ ڏيڻ ۾ ساڄي هٿ کي استعمال ڪريو، اها عادت اهڙي پڪي ٿي وڃي جو سڀاڻي قيامت ۾ اعمال نامو پيش ٿئي ته انهيءَ عادت مطابق ساڄو هٿ اڳتي وڌي، تڏهن ته ڪم بڻجي ويندو.“

یا الٰہی ! نامۂ اعمال جب کھلنے لگیں | عیب پوشِ خلق سَتّارِ خطا کا ساتھ ہو

(حدائق بخشش شریف)

مشڪل لفظن جي معنيٰ: عيب پوش خلق: مخلوق جا عيب لڪائڻ وارا، ستّارخطا: غلطيون لڪائڻ وارو.

شرح ڪلام رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه مُناجات جي ان شعر جي پهرين مصرعي ۾ ”نامۂ اعمال جب کھلنے لگیں“ لکيو آهي آخري لفظ ”لگے“ نه لکڻ ۾ به عجيب حڪمت آهي ”لگے“ لکن ها ته معنيٰ ٿي ته جڏهن منهنجو اعمال نامو کلي رهيو هجي ۽ پاڻرَحمَةُ اللهِ عَلَيه چاهن ٿا ته ڪاش! اسان جو اعمال نامو کوليو ئي نه وڃي بس ائين ئي بي حساب بخشش ٿي وڃي تنهنڪري ”لگے“ نه بلڪ ”لگیں“ لکيو، لهٰذا انهيءَ شعر جي هي معنيٰ ٿيندي: ان وقت منهنجو اعمال نامو کوليو ئي نه وڃي، بلڪ پياري پياري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حوالي ڪيو وڃي جنهن کي تو پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ”ستّار خطا“ يعني خطائون لڪائڻ وارو بڻايو آهي جيڪڏهن تو اهو ڪرم

فرمائي ڇڏيو تہ پوءِ منهنجون نافرمانيون ڇاڻين ۽ ان جون ڪرم نوازي ڇاڻين.


حضرت سيد ديدار علي شاهه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بارگاهه الٰهي ۾ عرض ڪن ٿا:

وقتِ نزع ، وقتِ مرگ و وقتِ وحشت، قبر میں
حشر میں اُس شافِعِ روزِ جزا کا ساتھ ہو
یا الٰہی جب عمل تُلنے لگیں میزان میں
شافِعِ مَحشر شہِ ہر دوسرا کا ساتھ ہو

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net